# هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو سُنّتن ڀريو بيان

1 September 2016



## تذڪرو سيدي قطب مديني ۽
## عشره ذو الحجه جا فضائل

Sindhi

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# تذڪرو سيدي قطب مدينہ ۽ عشره ذوالحج جا فضائل

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود جي فضيلت

سَروَرِ ڪائنات، شاه موجودات صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: قِيامت جي ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ جي عرش جي علاوه ٻي ڪا ڇانو نہ هوندي، ٽي (3) شَخص الله عَزَّوَجَلَّ جي عرش جي ڇانو ۾ هوندا. عرض ڪيو ويو: يا رَسُولَ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اهي ڪير هوندا؟ اِرشاد فرمايائون: (1) اهو شخص جيڪو منهنجي اُمّتي جي پريشاني دور ڪري (2) منهنجي سُنّت کي زِنده ڪرڻ وارو (3) مون تي ڪثرت سان دُرُود شريف پڙهڻ وارو.

(البدور السّافرة في امور الا خرة للسيوطي ص ١٣١حديث ٣٦٦ )

ياالٰهى گرمىِ محشر سے جب بھڑکیں بدن
دامنِ مَحْبُوب کی ٹھنڈی ہوا کا ساتھ ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُتڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اڄ ذُوالقَعدَةِ الحَرام جي 28 تاريخ آهي، ذُوالحَجَّةِ الحَرام جو مبارڪ مهينو تشريف فرما ٿي پنهنجون برڪتون لُٽائڻ وارو آهي، هن مهيني جي 4 تاريخ تي آفتابِ رضويت، ضِياءُالملّت، شيخ الفضيلت، پيرِ طريقت، رهبرِ شريعت، مُريد و خليفهِ اعليٰ حضرت، شيخ العرب والعجم، قُطبِ مدينہ حضرت علّامہ مَولانا ضياءالدين احمد مَدَني قادري رضوي



www.dawateislami.net

رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جو عرس شريف ملهايو ويندو آهي. انهيءَ مناسبت سان اڄ اسان سندن جي مُبارَڪ زِندگي جا ڪجهہ واقعا ٻڌڻ جي سعادت حاصِل ڪنداسين. اچو! پهريان هڪ حڪايت ٻڌون ٿا:

## پاڻي ذخيرو نہ ڪيو!

سيدي قُطبِ مدينہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جا مُريد ۽ خليفہ حَضرت مولانا عارف ضِيائي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جو بيان آهي جو هڪ ڀيري حج جي ڏينهن ۾ مديني شريف ۾ پاڻي جي شديد ڪمي ٿي وئي، انهن ڏينهن ۾ قطبِ مدينہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیۡه وٽ مهمان گهڻا گڏ ٿيندا هئا، ان ڪري پاڻي جو استعمال بہ وڌيڪ ٿيندو هو، ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيو جو پيئڻ جي لاءِ بہ پاڻي مَوجُود نہ هوندو هو. منهنجو هي مَعمُول هو جو ٽونڪ رباط (هڪ هنڌ جو نالو آهي اتان) ڪان پاڻي ڀري ايندو هئس، ڪوشش ڪندو هئس تہ پاڻي جون چند ٽانڪيون هميشہ مَوجُود رهن، هڪ ڏينهن حُضُور قطبِ مدينہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیۡه وُضو جي لاءِ ويا تہ سندن نگاهہ پاڻي جي ٽنڪين تي پئي، مون کان پڇيائون: هنن زمزمين (يعني ٽانڪين) ۾ ڇا رکيل آهي؟ عرض ڪيم: حُضُور! جيئن تہ پاڻي جي قِلّت آهي ان ڪري هنن ۾ پاڻي ڀري رکيو آهي تہ جيئن رات جو مهمان اچن تہ پاڻي جي تنگي نہ ٿئي، فرمايائون: اهو تہ صحيح ناهي، پاڻي جي قِلّت آهي ۽ توهان پاڻي گڏ ڪري رکيو آهي؟ هينئر هن کي ڪٽي وجهو ۽ ماڻهن کي ڏئي ڇڏيو. انهن ڏينهن ۾ حاجين جو وڏو هجوم هو ۽ گهٽيون بہ تنگ هيون، پاڻي ڀري ڪٽي اچڻ آسان نہ هو، پر سندن حڪم جي پيروي کان انڪار بہ ممڪن نہ هو ان ڪري اوهان جيڪو حڪم فرمايو هو ائين ئي ڪيو ويو. (سيدي ضياء الدين احمد قادري،۴۲۱/۱بتغير)



www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## توڪل جي اهميت!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سيدي قطبِ مدينه رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کي الله عَزَّوَجَلَّ جي ذات تي ڪهڙو ڪامِل يقين هو ۽ پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ڪهڙي عاليشان توڪل جا مالڪ هئا. ٿورو سوچيو! جيڪڏهن اسان مان ڪنهن جي گهر مهمان اچڻ جو اِمڪان هجي تڏهن گهر ۾ تياري جو عالَم ڇا هوندو آهي؟ اهي آئيٽم (Item) جنهن جي استعمال ٿيڻ جو ٿورو گهٽو امڪان به هجي اهو ڀريان ڪان ئي گهرائي رکيا ويندا آهن ته جيئن عين موقعي تي پريشاني نه ٿئي، جڏهن ته اها شيء جنهن جو اِستعمال ۾ اچڻ يقيني هجي ان جو ته خاص طور تي اِهتِمام ڪيو ويندو آهي، پاڻي اهڙي شيء آهي جنهن جو اِستعِمال گهٽو ٿيندو آهي، ٿيڻ ته ائين گهرجي جو سيدي قطبِ مدينه رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ مهمانن جي لاءِ پاڻي جي بچت (Saving) تي خُوشي جو اِظهار ڪن ها ۽ شاباش ڏين ها، پر ڪنهن شيء کي ذخيرو ڪرڻ ۽ ان کي مَحفُوظ (Save) ڪري رکڻ اهو بُزرگن سڳورن جي سوچ جي خلاف آهي ان ڪري حڪم ڏنائون ته اهو پاڻي ورهائي ڇڏيو!

## توڪل ڇا آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مَعلُوم ٿيو ته اسان جا بُزرگ سڳورا پاڻ به توڪل جا پيڪر هوندا هئا ۽ ٻين کي به ان جي تَرغِيب ڏيندا هئا، اسان کي به پنهنجي اندر توڪل جو وصف پيدا ڪرڻ گهرجي، افسوس! جو اڄ جي هن نَفسا نَفسي جي دور ۾ اسان توڪل کان گهٽو پري ٿي ويا آهيون، جڏهن ته اِسلام توڪل جي وڏي ترغيب ڏني آهي، توڪل جي معنيٰ آهي



www.dawateislami.net

الله تَبَارَڪ وَتَعَالٰي تي اعتماد ڪرڻ ۽ ڪمن کي ان جي حوالي ڪري ڇڏڻ، (توڪل مان) مقصد اهو (هوندو) آهي جو ٻانهي جو اعتماد تمام ڪمن ۾ الله عَزَّ وَجَلَّ تي هئڻ گهرجي (ٻانهن تي نه). (خزائن العرفان،ص:١۴١) اهو ياد رهي ته ”اسباب کي بلڪل ئي ڇڏي ڏيڻ توڪل نه آهي بلڪ توڪل هي آهي جو (اسباب کي اپنائي) ٻانهو صرف مُسَبّبُ الاَسبَاب يعني الله عَزَّوَجَلَّ تي ئي اعتماد ڪري.“ (ڪيمياءِ سعادت،٢/٩٣٨، بتغير)

عاشقِ مُصطفےٰ ضِياءُ الدّين | زاہد و پارسا ضِياءُ الدّين
ڪيسے بھٹکوں گا ميرے ہيں ميرے | رہبر و رہنما ضِيا ضِياءُ الدّين

## ڇا اسان توڪل ڪيون ٿا؟

توڪل جي وصف جو خُلاصو هي آهي ته اسباب کي اِختِيار ڪرڻ کان پوءِ نتيجو الله عَزَّ وَجَلَّ جي ذات تي ڇڏيو وڃي، اسان کي سوچڻ کپي ته ڇا اسان ائين ڪيون ٿا؟ ڇا واقعي اسان ۾ توڪل موجود آهي؟ ڇا اسان ٻه اَسباب کي اختيار ڪرڻ کان پوءِ اللهعَزَّوَجَلَّ جي ذات تي ڀروسو ڪندا آهيون؟ عام طور جڏهن ٻه ڪو وڏو ۽ اَهم ڪم درپيش هجي ته سڀ کان پهريان اسان ان ڪم کي سر انجام ڏيڻ جي پلاننگ (Planing) ڪندا آهيون، پوءِ ان پلاننگ (Planing) جي هڪ هڪ نڪتي تي عمل ڪندا آهيون، هاڻي جيڪڏهن نتيجو (Result) اسان جي خواهش جي خِلاف نڪري ته ان وَقت اسان جي حالت ڪهڙي هوندي آهي؟ اسان ڪيتري قَدَر دل لاهي ڇڏيندا آهيون؟ ۽ مايوسي جي وڏن دريائن ۾ ٻڏي ويندا آهيون؟ هن جو بُنيادي سبب اهو ئي آهي جو اسان پلان (Plan) ترتيب ڏيڻ کان پوءِ ان ڳالھ کان بي خبر ٿي ويندا آهيون ته هڪ ذات اهڙي ٻه آهي جنهن جي قُدرت اسان جي



www.dawateislami.net

پلاننگ (Planing) تي غالب آهي، اسان اها ڳالھ وساري ڇڏيندا آهيون پلان(Plan) بنائڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ تہ اسان جو ڪم آهي پر ان مان نتيجو (Result) ڪڍڻ اهو ربّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي دستِ قُدرت ۾ آهي، يعني اسان توڪل کان مَحروم هوندا آهيون، ان ڪري صحيح نتيجا نہ ملڻ تي اسان مايوس ۽ دل لاهي ويهي رهندا آهيون،حالانڪ اسان کي پنهنجي هر هڪ ڪم ۾ توڪل کي پيشِ نظر رکڻ گهرجي، توڪل کان پاسو ڪرڻ ڪيتري قدر خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو ان جو اندازو هن حِڪايت مان لڳايو جو هڪ ڪفن چور حَضرت بايزيد بسطامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي هٿ تي تَوبہ ڪئي، حَضرت بايزيد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه قبرن جي اَحوال جي باري ۾ ان کان سُوال ڪيو تہ ان جواب ڏنو: مون تقريباً هزار (1000) قبرن مان ڪفن چورايا، پر سواء ٻن مُڙدن جي باقي سيني جا چهرا قبلي جي طرف کان هٽيل هئا، تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايائون: انهن ماڻهن کي رِزق جي باري ۾ الله تَعَالٰي تي توڪل نہ هو. ان ڪري قبر ۾ اُنهن جا چهرا قبلي کان هٽيل هئا. (منهاج العابدين ص: ١٠٦)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪرڻ گهرجي تہ توڪل کان منهن موڙيندي فقط وسائل ئي کي سڀ ڪجھ سمجهي وٺڻ ڪيتري قدر خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو؟ ان ڪري پاڻ ۾ توڪل پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو! الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي توڪل جهڙي عاليشان صِفت سميت تمام نيڪ عمل ادا ڪرڻ جي تَوفيق عَطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تُو عَطا حِلم کی بھیک کر دے    میرے اَخلاق بھی ٹھیک کر دے
تجھ کو فاروق کا واسِطہ ہے    یاخُدا تجھ سے میری دُعا ہے



www.dawateislami.net

عِشقِ احمد میں آنسو بہاؤں ۔ حُبِّ دُنیا سے خُود کو بچاؤں
ایسی تَوفیق دے اِلتِجا ہے ۔ یاخُدا تجھ سے میری دُعا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نالو، نسب ۽ تاريخ پيدائش!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان حُضُور قطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مبارڪ زندگي جي باري ۾ ٻڌي رهيا هئاسين، سندن نالو ضِياءُ الدين احمد آهي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه خود اِرشاد فرمائيندا هئا تہ منهنجو پيدائشي نالو ”احمد مختار“ آهي، منهنجي ڏاڏي حضرت شيخ قُطبُ الدين قادري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بعد ۾ منهنجو نالو ”ضِياء الدّين“ رکي ڇڏيو هو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سومر جي ڏينهن ربيعُ الاوّل 1294ھ بَمُطابِق 1877ء بمقام ڳوٺ ڪلاس والا، ضلعو ضياء ڪوٽ (سيالڪوٽ) ۾ پيدا ٿيا. (سيدي ضياء الدين احمد القادري،١/١٦٣، ملتقطاً)

## مبارڪ حُليو!

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وچولي قد جا ڪجھ بلند، گندُمي رنگت سان بارُعب ۽ پُر ڪشش شخصيت جا مالڪ هئا، ڪتابي چهرو، ڪشاده ۽ نُوراني پيشاني جنهن جي وچ ۾ هڪ سنهي رَڳ هميشہ ظاهر رهندي هئي، نڪ مُبارَڪ بلند، اکيون ڪاريون، وڏيون ۽ خُوب رَوشن، ڏِگها ۽ سنها ڀرون جيڪي پاڻ ۾ تورا مليل هئا، پلڪون ڏگهون ۽ گهاٽيون، رُخسار سُرخي مائل ڀريل ساڄي رُخسار تي تِر، ڏاڙهي مُبارَڪ گهاٽي، خَمدار هڪ مُٺ جي برابر، ڏِگهي ڳِچي، ويڪرو سينو، هٿن جون آڱريون ڏِگهيون، تريون گوشت سان ڀريل ۽ بيحد نَرم هيون. (سيدي ضياء الدين احمد القادري،١/٥٦٧) مطلب تہ! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه



www.dawateislami.net

نهايت حَسِين ۽ دلڪش حُليي جا مالڪ هئا.

## ابتدائي تعليم!

پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه اِبتِدائي تعليم پنهنجي ڏاڏي سائين وٽان حاصِل ڪئي، پوءِ ضِياء ڪوٽ (سيالڪوٽ) جي مشهور عالِم ۽ عارِف حَضرت علّامہ مَولانا محمد حُسَين نقشبندي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه وٽ پڙهيا، ان ڪان پوءِ مرڪزُ الأولياء (لاهور) ويا ۽ اتي جي وڏن وڏن عالم سڳورن وٽان تعليم حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ مشهور محدّث ۽ عالمِ دين حضرتِ علّامہ وصي احمد مُحَدّثِ سُورتي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي درس ۾ شامل ٿي ويا ۽ تقريباً چار (4) سالن تائين انهن وٽان تعليم حاصِل ڪرڻ جو سلسلو جاري رهيو. سيدي قُطبِ مدينہ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: اسان جي پنجاب مان حديث شريف جو دَورو ڪرڻ جي لاءِ شاگرد پيلي پيت ۾ موڪليا ويندا هئا. اتي حَضرت شاه وَصِي احمد مُحَدّثِ سُورتي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه هڪ عظيم بُزرگ ۽ ڪامل اَولياءُ الله مان هئا، مانَ بہ سندن خِدمت ۾ حاضر ٿي حديث شريف جي دَوري ۾ شريڪ رهيس. (سيدي ضياء الدين احمد القادري،١/ ١٦٧) اتان ڪان درسِ نظامي جي تڪميل ڪئي ۽ دَورَهءِ حديث شريف جي بعد سندِ فَراغَت حاصل ڪئي. سرڪارِ اَعلي حَضرت الشاه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پاڻ پنهنجي هٿن سان پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي دستار بندي فرمائي. بعد ۾ حَضرت مُحَدّثِ سُورتي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه وٽان خِلافت جو شَرَف پڻ مليو. (سيدي ضياء الدين احمد القادري، ١/ ١٦٧)

## بيعت ۽ خلافت!

سيدِي قطبِ مدينہ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي استاذ حَضرت وصي احمد سُورتي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ڪي امامِ اهلسنّت، مجدّدِ اعظم الشاه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه



www.dawateislami.net

سان شديد مَحبَّت هئي، اهي هر جُمعرات تي اعليٰ حَضرَت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سان مُلاقات جي لاءِ بريلي شريف ويندا هئا ۽ انهن سان گڏ جُمُعو نماز ادا ڪري، ڪاڌو وغيره ڪائي پوءِ پيلي ڀيت واپس تشريف موٽندا هئا، حَضرتِ محدّثِ سُورتي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سان گڏ سندن ٻہ شاگرد بہ بريلي شريف حاضر ٿيندا هئا، انهن مان هڪ حَضرت سيدي قُطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هئا، پاڻ سيدي قُطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اِرشادفرمائن ٿا: حَضرتِ علّامہ وصي احمد مُحَدّثِ سُورتي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مُبارَڪ عادت هئي جو هر جمعرات ظهر جي نمازَ پڙهي، ڪاڌو ڪائي، عَصر جي ويجهو ٽرين (Train) جو وَقت ٿيندو هو جيڪا بريلي ويندي هئي ان گاڏي ۾ ويهي رهندا هئا ۽ مَغرِب ڪان پهريان بريلي شريف پهچي ويندا هئا، جُمُعہ جي رات ۽ جُمُعہ جو ڏينهن اعليٰ حَضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي خِدمَت ۾ رهي، نمازِ جُمُعہ ڪان پوءِ ڪاڌو ڪائي ۽ پوءِ پيلي ڀيت واپس موٽي ايندا هئا، اهڙي طرح تي (3) سالن ڪان وڌيڪ اعليٰ حَضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي زِيارَت ٿيندي رهي. انهن حاضرين جي دوران سيدي قطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سان 1314ھ ۾ بيعت ٿي ويا ۽ 1315ھ ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پاڻ کي خِلافَت جي شرف ڪان بہ نوازيو، ان وَقت سندن عمر مُبارَڪ صرف ايڪيهہ (21) سالن جي هئي. سرڪارِ اعلي حَضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪان خِلافت جو شرف ماڻڻ وارن ۾ سندن جي ذاتِ گرامي يارهين (11th) نمبر تي هئي. (سيدي ضياء الدين احمد القادري،١/١٧٣، ملتقطاً)

## بغداد جو سفر:

حَضرت ضياءُ المِلّتِ والدّين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه عُلُوم ۽ فُنُون جي تڪميل ڪان پوءِ پنهنجي شيخ سرڪارِ اعليٰ حَضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي اجازت سان پنهنجي وطن واپس موٽيا، ڪجهہ عرصي تائين ضِياء ڪوٽ (سيالڪوٽ) ۾ قِيام



www.dawateislami.net

ڪيائون، سيالڪوٽ جي ويجهو ئي ”ڪلاس والا“ ۾ سندن جاگير هئي، اتي تشريف ڪٽي ويا ۽ پوءِ اتان کان بغدادِ مُقدّس جي سفر جو آغاز فرمايائون. (سيدي ضياء الدين احمد القادري،١/ ٢٢٥) حُضُور غوثِ اعظم شيخ عبدالقادر جِيلاني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جي خانقاه معليٰ ۾ تقريباً نَوَ (9) سالن کان ڪجھ وڌيڪ عرصي تائين قِيام پذير رهيا. (سيدي ضياء الدين احمد القادري، ٢٢٦،٢٢٧/١) ان دوران سيدي قطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪيئي بُزرگن سڳورن جي زيارت ڪئي ۽ انهن کان فَيض حاصل ڪيو.

## مدينہ مُنوره ۾ رهائش!

1327ھ تي سيدي قطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه عرب شريف ۾ حاضر ٿيا ۽ هميشہ جي لاءِ مدينہ شريف ۾ ئي رهڻ لڳا. (سيدي ضياء الدين احمد القادري،ص:١٧٣) جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه مديني شريف ۾ حاضر ٿيا ان وَقت تُرڪين جي حُڪومت هئي تڏهن تہ اتي ڪيئي جَيد عُلماءِ ڪرام جلوه فرما هئا. ان ڪري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي سيدُالانبيا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربار ۾ بار بار حاضري جي سَعادَت ملڻ سان گڏوگڏ اتي جي ڪيئي مشائخ ڪرام وٽان فَيضياب ٿيڻ جو شرف بہ نصيب ٿيو. (سيدي ضياء الدين احمد القادري،٢٧٩/١،ملخصاً) مشهور عاشقِ رَسُول ۽ تمام وڏي عالمِ دين، علّامہ شيخ يوسُف بن اسمٰعيل نَبهاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جيڪي اڪثر مدينہ طيبہ ۾ حاضِر رهندا هئا، سيدي قُطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان وٽ بہ هڪ وڏي عرصي تائين اِستِفادو ڪيو. (سيدي ضياء الدين احمد القادري،٢٨٠/١)

## علمِ دِين حاصل ڪرڻ جو شوق!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غَور ڪيو! سيدي قطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه عِلمِ دِين جا ڪيترا شيدائي هئا جو پنهنجي عِلائقي ۾ عِلمِ دِين حاصِل ڪرڻ



www.dawateislami.net

سان گڏوگڏ مرڪز الاولياء (لاهور)، هند ۽ بغداد شريف جو پڻ سفر ڪيو، پوءِ جڏهن مديني شريف حاضر ٿيا اتي به مَوقعي مان فائدو وٺندي عِلمِ دِين جي طلب ۾ مشغول ٿي ويا ۽ پنهنجي وَقت جي ڪيئي مشهور عالمن کان عِلمِ دِين جا جام پري ڪري پيتائون. يقيناً اهو الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪرم ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عَطا ۽ عِلمِ دِين جو فَيضان ئي هو جو سيالڪوٽ جي هڪ غير معروف علائقي ۾ پيدا ٿيڻ جي باوجود پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه سڄي جهان ۾ قُطبِ مدينه جي حَيثيت سان مشهور ۽ معروف ٿي ويا. اسان کي به **عِلمِ دِين** جي طلب جو شَوق پيدا ڪرڻ گهرجي ڇوته **عِلمِ دِين** ئي دُنيا و آخِرت جي ڪاميابين جو سبب آهي. **عِلمِ دِين** تمام فضيلتن جو جامع آهي ۽ پنهنجي طلب ڪرڻ واري کي تمام گهڻين خُوبين ۽ ڪثير ڀلائين جو پيڪر بڻائيندو آهي، **عِلمِ دِين** انبيا عَلَيهِمُ السَّلَام جي مِيراث آهي، **عِلمِ دِين** قُربتِ الٰهي ماڻڻ جي راهه آهي، **عِلمِ دِين** خَوفِ خُدا بيدار ڪرڻ جو نسخو آهي، **عِلمِ دِين** هدايت جو سرچشمو آهي، **عِلمِ دِين** گناهن کان بچڻ جو سبب آهي، **عِلمِ دِين** خَشيتِ الٰهي بيدار ڪرڻ جو ذريعو آهي، **عِلمِ دِين** مُرده دلين جي حيات آهي، **عِلمِ دِين** خَلقِ خُدا جي مَحَبَّت حاصل ڪرڻ جو سبب آهي، اَلغَرَض! **عِلمِ دِين** بي شُمار خوبين جو مَجمُوعو آهي، هڪ سچي مُسَلمان کي ان جي طلب جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، اَحاديثِ طيبه ۾ ڪيئي هنڌن تي **عِلمِ دِين** حاصل ڪرڻ جا فَضائل بيان ٿيا آهن. اچو! هن بابت (2) احاديثِ طيبه ٻڌڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيون ٿا:

1. جيڪو عِلمِ دِين حاصِل ڪندو الله عَزَّوَجَلَّ ان جي مُشڪلاتن کي آسان فرمائي ڇڏيندو ۽ ان کي اتان کان رِزق عَطا فرمائيندو جتان ان جو گمان به نه هوندو. (جامع بيانِ العم و فضله، باب جامع في فضل العلم، الحديث: ۱۹۸،ص ٦٦)



www.dawateislami.net

2. جيڪو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي فرض جي باري ۾ هڪ (1) يا ٻہ (2) يا ٽي (3) يا چار (4) يا پنج (5) ڪلما سکي ۽ ان کي چڱي طرح ياد ڪري وٺي ۽ پوءِ ماڻهن کي سيکاري تہ اهو جنّت ۾ داخِل ٿيندو. (اَلتَّرغِيب وَالتَّرهيب، ۵۴/۱
حديث:۲۰،چندي جي باري ۾ سوال جواب، ص:۷)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان تہ؟ **عِلمِ دِين** حاصِل ڪرڻ اهڙو عظيم ڪم آهي جو جنهن جي وجہ سان مشڪلات ۾ آساني، رِزق ۾ اضافي سان گڏوگڏ جنَّت ۾ داخلي جي بہ ضَمانت آهي، ان ڪري اسان کي بہ وڌ کان وڌ **عِلمِ دِين** سکڻ گهرجي، دعوتِ اسلامي جو مَدَني ماحول **عِلمِ دِين** جي مَدَني مهڪ سان مُعطّر آهي، هن ۾ ٿيڻ وارا اجتماع، مَدَني مُذاڪرا، مختلف ڪورسز، درس وبيان وغيره سيئي **عِلمِ دِين** ڦهلائڻ جو سبب آهن، **عِلمِ دِين** سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جا مَدَني قافلا بہ آهن، تنهنڪري عاشقانِ رَسُول سان گڏ هر مهيني گهٽ مان گهٽ ٽن (3) ڏينهن جي مَدَني قافلي ۾ سفر ڪي پنهنجو معمول بڻائي وٺو! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي علمِ دين ڦهلائڻ ۽ سُنّتُن کي اپنائڻ جي تَوفِيق عَطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

لُوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو! — سیکھنے سُنّتیں قافلے میں چلو!
علم حاصِل کرو جَہْل زائل کرو — پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** عِلمِ دِين جون بي پناهہ برڪتون آهن، اهو ئي



www.dawateislami.net

علم هڪ عام اِنسان کي فرش کان عرش تائين پهچائيندو آهي، حُضُور شهنشاه بغداد، قُطب الاَقطاب، سرڪارِ غوثِ پاڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو فرمان آهي: دَرَسْتُ الْعِلْمَ حَتّٰى صِرْتُ قُطْبًا (يعني مان عِلم جو درس وٺندو رهيس ايستائين جو قُطبِيت جي مقام تي فائز ٿي ويس) (قصيدهٔ غوثيه، از غيبت جون تباه ڪاريون،ص:۴۹۵) اسان جو حُسنِ ظَن آهي تہ سيدي قطبِ مدينہ بہ الله عَزَّوَجَلَّ جا ولي هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مدينہ مُنوَّره زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيمًا ۾ مقامِ قطبيت تي فائز هئا، ان ڪري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سڄي جهان ۾ ”قُطبِ مدينہ“ جي لقب سان ياد ڪيا ويندا هئا ۽ اڄ بہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو اهو ئي لقب هر خاص و عام جي زبان تي آهي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ”قطبِ مدينہ“ ڇو چيو ويندو آهي؟ سندن کي اهو لقب ڪيئن مليو؟ اچو هن حوالي سان هڪ اِيمان افروز واقعو ٻڌون ٿا:

## قطبِ مدينہ جو لقب!

1949ء ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جا پوٽا حَضرتِ علّامہ مَولانا ابراهيم رضا خان جِيلاني ميان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مدينہ مُنوَّره ۾ حاضري ٿي واپسي تي بريلي شريف ۾ پنهنجي گهر ۾ اهو واقعو ٻڌايو: مان حُضُور سرڪارِ ابدقرار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديارِ پاڪ مدينہ مُنوَّره ۾ حاضِر هئس، هڪ ڏينهن حَضرتِ مَولانا ضِياءُالدّين صاحِب قادِري رَضَوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي درِ دَولت تي حاضري ڏني، ان کان پوءِ حُضُور رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُواجہ شريف ۾ حاضر ٿيس ۽ دعا ڪئي تہ حُضُور! اوهان جي ڪرم سان مدينہ طيبہ جي قُطب سان بہ مُلاقات ٿي وڃي؟ پوءِ جِيلاني ميان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ ان کان بعد مان پنهنجي قِيام گاهہ ۾ موٽي آيس تہ ڏٺم حَضرت مولانا ضياءُ الدين صاحب تشريف وٺي آيا آهن، جيئن تہ اهي تمام گهٽ



www.dawateislami.net

گهران نڪرندا هئا ان ڪري انهن کي اوچتو ڏسي شديد حيرت ٿي ته مون تعجُّب وچان چيو: حَضرت! هاڻي ته اوهان سان مُلاقات ٿي هئي، پوءِ هڪ دَم ڪيئن تشريف آوري ٿي؟ مولانا ضِياءُ الدين صاحب فرمايو: منهنجي دل ۾ اوچتو خيال پيدا ٿيو ته اوهان سان ملاقات ڪيان، چوته اوهان ئي ته طلب فرمايو آهي! ان کان پوءِ اهي خاموش ٿي ويا. حُضُور جِيلاني مِيان رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمايائون: هيڏانهن منهنجو دربارِ مُصطَفٰي ۾ عَرض ڪرڻ ۽ هوڏانهن سيدي قُطبِ مدينه سان ملاقات ٿي وئي، هن مان مَعلُوم ٿئي ٿو ته حَضرت مَولانا ضِياءُ الدين صاحب رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه مدينهءِ پاڪ جا قطب آهن، جِيلاني ميان رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه وڌيڪ اِرشاد فرمايو: جن جي خليفي جو اهو شان هجي ته مديني شريف ۾ قطب آهن، ان جي پِيرو مُرشِد سَيدُنا اعليٰ حَضرت،عَظيمُ البَرڪت جو سرڪارِ دوعالم صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ قُرب جو ڇا مقام ۽ حال هوندو. (سيدي ضياء الدين احمد القادري،۱/۴۶۹)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## جڏهن مريد اهڙو آهي ته پير ڪهڙو هوندو؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي جُز کي ڏسي ڪُل تي حڪم لڳايو ويندو آهي، شاگرد جي قابليت ڏسي اُستاد جي وُسعَتِ عِلمي جو پتو پوندو آهي اهڙي طرح مُريد جي مرتبي کي ڏسي پير جو مرتبو مَعلُوم ٿيندو آهي. جڏهن حُضُور قُطبِ مدينه رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه مدينه مُنوَّره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعۡظِيمًا جا قطب هجن ته ان جا پِير سرڪارِ اعليٰ حَضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو مَقام ۽ مرتبو خُدا ۽ مُصطَفٰي جي بارگاھ ۾ ڪيتري قدر بُلند هوندو. اسان جو هي حُسنِ ظن آهي ته اعليٰ حَضرت،امامِ اهلسنّت رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پنهنجي وَقت جا تمام وڏا ولي ۽ عظيم عالمِ ربّاني هئا. جڏهن ٻه اعليٰ حضرت چيو وڃي يا ٻڌو وڃي



www.dawateislami.net

فوراً ذهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڏانهن ويندو آهي، اچو! حُصُولِ برڪت جي لاءِ سندن رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو بہ ڪجهہ تذڪرو ٻڌون ٿا. اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ولادتِ باسعادت بريلي شريف جي مَحَلّ جَسُولي ۾ 10 شَوّالُ‌الْمُڪرّم 1272 ھ ڇنڇر جي ڏينهن بوَقتِ ظُهر بمُطابِق 14جون1856ءتي ٿي. (حياتِ اعليٰ حضرت،۱/۵۸)

## اعليٰ حضرت جا معمولات!

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي سڄي زِندگي شريعت جي پاسداري ۾ گذري . پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي شَخصِيت حقيقي طور تي سنّتن جي آئينہ دار هئي. پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو معمول هو جو ڪڏهن ٽهڪ نہ لڳائيندا هئا۞ اوٻاسي اچڻ تي آڱر ڏندن ۾ دٻائي ڇڏيندا هئا ۽ ڪو آواز پيدا نہ ٿيندو هو ۞ قِبلہ جي طرف رُخ ڪري ڪڏهن نہ ٿڪيائون ۞ نہ ئي قبلہ ڏانهن پير مُبارَڪ ڊگها ڪندا ها ۞ نمازِ پنجگانہ مَسجد ۾ باجَماعت اَدا ڪندا ها ۞ فرض نماز با عِمامہ پڙهندا ها۞ لَوهہ واري قلم ڪان پاسو ڪندا ها ۞مِسواڪ ڪندا ها ۞ ۽ مٿي مُبارَڪ تي تيل بہ لڳائيندا ها.(فيضانِ اعليٰ حضرت،ص:۱۱۴)۞ڪا بہ شيءِ وٺڻ ڏيڻ ۾ ساڄو هٿ ئي اِستِعمال ڪندا ها جيڪڏهن ڪڏهن وٺڻ واري پنهنجو کاٻو هٿ اڳتي وڌايو تہ پاڻ فوراً هٿ مُبارَڪ روڪيندا ها ۽ فرمائيندا ها تہ ساڄي هٿ ۾ وٺو ڇوتہ کاٻي هٿ ۾ شيطان وٺندو آهي.(فيضانِ اعليٰ حضرت،ص۱۱۱) پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مسجدن جو نهايت اَدب ڪندا ها، مسجد ۾ داخِل ٿيندي هميشہ ساڄو قدم پهريان داخِل ڪندا ها، جڏهن تہ ٻاهر اچڻ مهل پهريان کاٻو قدم جتي جي مٿئين حصي تي رکي پوءِ ساڄي پير ۾ جوتو پائي پوءِ کاٻي ۾ جوتو پائيندا ها (جو سُنّت جي مُطابِق عمل ٿئي). هڪ ڏينهن فجر نماز ادا ڪرڻ جي لاءِ خلافِ مَعمُول اعليٰ حَضرت رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ٿوري دير ٿي وئي، نمازين جون نگاهون بار بار مبارڪ گهر ڏانهن کڄيون پئي تہ عين اِنتظار



www.dawateislami.net

۾ جلدي جلدي تشريف وٺي آيا، هن جلدي جي ڪيفيت ۾ اتّباعِ سنّت جو عالَم هي هو جو مسجد جي دروازي جي ڏاڪي تي جنهن وَقت سندن قدمِ مُبارَڪ پهتو تہ ساڄو، مسجد جي نئين فرش ۽ پُراڻي فَرش تي بہ ساڄو قدم رکيائون، اڳيان مسجد جي صحن ۾ هڪ صَف وڇايل هئي ان تي ساڄو قدم رکيو، ۽ ان تي بَس نہ هر صَف تي پهريان ساڄوئي قدم رکيائون، ايستائين جو محراب ۾ مُصليٰ تي بہ ساڄو قدم ئي رکيو.

(فيضانِ اعليٰ حضرت ١٢٢، بتغير)

## سنّتون اپنائڻ ۾ ئي عظمت آهي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اعليٰ حَضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪيڏا سُنّت جي پيروي ڪندڙ هئا جو هر ڪم سُنّت جي مُطَابِق ڪرڻ جو اِهتِمام ڪندا هئا، اسان کي بہ پنهنجن معاملن ۾ سُنّتُن کي اپنائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، خاص ڪري هر نيڪ ۽ جائز ڪم ساڄي پاسي کان ساڄي ئي هٿ سان شُروع ڪرڻ جي عادَت بنائڻ گهرجي ڇوتہ سُنّتون اپنائڻ ۾ ئي عظمت آهي، ان سان گڏوگڏ سادي زِندَگي گُذاريون، عاجزي ۽ اِنڪساري جا پيڪر بڻجون، هميشہ بين سان حُسنِ اَخلاق سان پيش اچون، وڏن جي عِزَّت ۽ ننڍن تي شَفقَت ڪيون، پنهنجن ماتَحتن سان بهتر سُلوڪ ڪيون، مُسَلمانن جي خَيرخَواهي ۾ هميشہ اڳتي رهون، اَلغَرَض! پنهنجي زِندَگي جي هڪ هڪ پهلو کي سِيرتِ رَسُول جي مُطابِق بدلڻ جي ڪوشش ڪيون، ۽ سِيرت سان گڏوگڏ پنهنجي صُورَت کي بہ سُنّتن جي مُطَابِق اپنائڻ جي ڪوشش ڪيون. آقا ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمان جي مُطَابِق هڪ مُٺ ڏاڙهي هجي، سنّت جي مُطَابِق زُلفون هجن، پياري پياري عِمامي شريف جو تاج سر تي سجيل هجي، سُنّتن جو آئينہ دار



www.dawateislami.net

لباس هجي، مُرڪي ملڻ جو مَعمُول هجي، سلام ڪي عام ڪرڻ جي ڌُن هجي، ڪاڏو مٽي جي ٿانون ۾ دَستَرخوان تي کائون، ائين ڪرڻ سان دنيا بہ موچاري ٿيندي ۽ آخِرت ۾ بہ فائدو ملندو. جيڪڏهن اسان پنهنجن بُزرگن سڳورن جي زندگي جي احوالن جو مُطالَعو ڪيون تہ اسان کي مَعلُوم ٿيندو انهن جا مَعمُولات سُنّتن جي عين مُطابِق ها، حُضُور سيدي قُطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه بہ سُنّتن جا پيڪر ۽ نهايت ئي نيڪ بزرگ هئا.

## اخلاق و عادات!

پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه نهايت ئي پسنديده وصفن ۽ اَخلاق سان مُتَّصِف ها، هميشہ يادِ خُدا ۾ مُستَغرَق رهندا ها، شب بيدار ۽ تهجُّد گُذار بُزرگ هئا، اِشراق، چاشت ۽ اوّابين جون نمازون ادا ڪرڻ سندن مَعمُول هو، ڪمزوري ۽ پوڙهاپ جي باوجود ايامِ بيض جا روزا تَرڪ نہ ڪندا ها. (سيدي ضياء الدين احمد القادري،۱/۴۸۶،بتغير) اسان کي بہ فرض نمازن سان گڏ انهن نفلن کي اَدا ڪرڻ ۽ نفلي روزا رکڻ جي عادت بنائڻ گهرجي، سيدي قطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي باري ۾ مَنقُول آهي تہ اوهان کي اٿڻ ويهڻ ۾ وڏي تڪليف ٿيندي هئي، پر پوءِ بہ وضو جي لاءِ وڃڻ وَقت ڪنهن جو سهارو نہ وٺندا ها، دشواري جي باجود پاڻ ئي ٻيهندا ها (۽ وضو ڪندا ها). (سيدي ضياء الدين احمد القادري،۱/۴۸۶) سادگي سندن جو شِعار هئي، سُنّتِ رسول جي اِتّباع ۾ پاڻ بہ ٻڪريون پاليون هيون، انهن جي کير سان مهمانانِ رسول جي ضِيافت ڪندا ها، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو گهر حاجين ۽ زائرين جو ٺڪاڻو هو. (سيدي ضياء الدين احمد القادري،۱/۴۸۸) عرب شريف ۾ اوهان نهايت مَشهور ها، عَرب وعَجَم ۾ اوهان جا مُريد ۽ خليفا پکڙيل آهن. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه گفتگو نهايت گهٽ ڪندا ها. (سيدي ضياء الدين احمد القادري، ص:۴۸۹، بتغير) اوهان وٽ هر ڏينهن عِشا جي نماز کان پوءِ مُستَقِل محفلِ مِيلاد مُنعَقِد



www.dawateislami.net

ٿيندي هئي، جيڪا سندن وصال تائين جاري رهي. (سيدي ضياء الدين احمد القادري،١ /٤٩٥)
عربن جهڙي مهمان نوازي سندن جي خاصيت هئي .

## مهمان نوازي جي عادت!

چانهه جا ٽي (3) ٿرماس پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه وٽ هميشه پريل پيا هوندا ها، مهمانانِ مُصطَفٰي کي ان مان چانهه پيش ڪئي ويندي هئي، جيئن ئي هڪ ٿرماس خالي ٿيندو هو ته مٿي گهر ۾ موڪليو ويندو ڪجهه دير کان بعد چانهه سان ڀريل واپس موٽندو هو. سڄو ڏينهن اهو ئي سلسلو جاري رهندو هو، رات جو لنگر کان پوءِ سيني جي چانهه سان مهماني ڪئي ويندي، پوءِ حَضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ٿرماسن ڏانهن اشارو ڪري فرمائيندا ها انهن ۾ ڪجهه آهي؟ جيڪڏهن ڪجهه بچيل هوندي ته عَرض ڪيو ويندو: بس هڪ ٿرماس ۾ ٿوري چانهه باقي آهي. فرمائيندا ها: اها به هڪ هڪ ڍُڪ پيئاري ڇڏيو پوءِ فرمائيندا ها فريج ۾ ڏسو جيڪڏهن ڪجهه هجي ته اهو به ورهائي ڇڏيو. (سيدي ضياء الدين احمد القادري،١/٤٢٢) دنيا کان بي پرواهي جو عالم هي هو جو فريج ۾ اوهان جي گهر وارن جي گهر جي ضروريات جو سامان رکيل هوندو هو، ان کي به ورهائڻ جو حڪم فرمائيندا ها. (سيدي ضِياءُ الدِّين احمد القادري،١/٤٢٢) پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خدمت ۾ جيڪو به ايندو هو مرتبي جي لحاظ کان ان جي پذيرائي ڪندا ها، سندن دروازو سيني جي لاءِ کليل هوندو هو ۽ دسترخوان سيني جي لاءِ عام هوندو هو، اوهان وٽ جيترا پيسا به ايندا ها تمام جا تمام خَرچ ڪندا ها ڪجهه بچائي نه رکندا ها ۽ اڪثر مهمانن تي خرچ ڪندا ها.
(انوارِ قطبِ مدينه: ٢٤٠)

## مهمان نوازي سنّتِ انبياء آهي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! سيدي قُطبِ مدينه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪيتري



www.dawateislami.net

قدر مهمان نواز هئا؟ ائين لڳي ٿو جيئن مهمان نوازي سندن رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي فطرت بڻجي چڪي هئي، پنهنجي گهر ۾ اچڻ واري هر شخص جي ان جي مرتبي جي مُطَابِق مهمان نوازي ڪندا ها. مهمان نوازي هڪ فضيلت وارو ڪم آهي ۽ ڪيئي انبياء ڪرام عَلَیۡهِمُ السَّلَام جي سُنَّت آهي، حضرتِ ابراهيم عَلَیۡهِ السَّلَام جي باري ۾ مَنقُول آهي تہ جيستائين اوهان جي دسترخوان تي مهمان نہ ايندا ها اوهان ڪاڏو نہ کائيندا ها. (عجائب القرآن مع غرائب القرآن:۳۷۶) هن رِوايت مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن کي مهمان نوازي ڪيتري قدر مَحبُوب يعني پسنديده آهي، مهمان نوازي هڪ اهڙو نيڪ ڪم آهي جو جنهن ۾ گهڻي ثواب سان گڏوگڏ مَحَبَّتن جو فَروغ، پاڻ ۾ لاڳاپن جي مضبوطي بہ آهي، ان ڪري جڏهن بہ مهمان اچن تہ پنهنجي وُسعَت جي مطابق انهن جي خوب مهمان نوازي ڪيو ڇوتہ اهو هڪ اهڙو عمل آهي جو جنهن سان اسان جي دنيا سان گڏوگڏ آخِرت بہ بهتر ٿيندي آهي.

## مهمان نوازي جو معيار!

افسوس ! تہ اسان جي مُعاشري ۾ مهمان نوازي جهڙي پياري صِفَت بہ آخري پساهن ۾ آهي، هاڻي ان ۾ پهريان جهڙو جوش و خروش ۽ جذبو نظر نٿو اچي، اڄڪلهہ ائين بہ ٿيندو آهي جو بعض ماڻهو مهمان نوازي تہ ڪندا آهن پر ان ۾ انهن اهو معيار ٺهرائي رکيو آهي تہ جيتري انهن جي خدمت ۽ عزت ۽ تواضُع ڪئي ويندي ايتري ئي اهي ٻين جي ڪندا آهن، ائين مهمان نوازي جهڙي عبادت کي ”جيئن پيش ايندو ائين ئي پيش ايندا سين“ جي مِصداق بڻايو ويو آهي، حالانڪ هي تہ هڪ عُمده عِبادت، نبين سڳورن جي سُنَّت ۽ اَجر ۽ فَضِيلت ڀريو عمل آهي. اهڙي طرح اڄڪلهہ اهڙا ماڻهو



www.dawateislami.net

موجود آهن جن جو اهو مَعمُول هوندو آهي تہ جيڪڏهن ڪو انهن جي مهمان نوازي ڪري تڏهن اهي بہ ان جي مهمان نوازي ڪندا آهن پر جيڪڏهن ڪو انهن جي خيرخواهي نہ ڪري سگهيو تہ اهي اهڙن جي خير خواهي کان لنوائيندا آهن، اهڙا ماڻهو هن حديثِ پاڪ مان نصيحت حاصل ڪن! حَضرت مالڪ بن نفر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه جو بيان آهي تہ هڪ ڀيرو مون عَرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو اِرشاد فرمايو تہ مان هڪ شخص وٽ ويس، ان منهنجي مهماني نہ ڪئي، هاڻي اهو مون وٽ اچي تہ ان جي مهماني ڪيان يا بدلو وٺان؟اِرشاد فرمايائون: نہ! بلڪ توهان ان جي مهماني ڪيو! (سنن الترمذي،ڪتابُ البِرّوالصلة، باب ماجاء في الإحسان والعفو،الحديث: ٢٠١٣، ٣/ ٤٠٥)

اهڙي طرح اسان وٽ مهمان نوازي ڪرڻ ۾ اهو بہ ڏٺو ويندو آهي تہ اهي ماڻهو جِن سان اسان کي مُستَقبِل ۾ ڪو ڪم پوڻ جو اِمڪان هجي اهڙي ماڻهو جي خاص طور تي تَواضُع ۽ عزّت افزائي ڪئي ويندي آهي پر اهي ماڻهو جن سان وڏيڪ تَعلُّق ۽ واسِطو نہ هجي تہ اهڙي ماڻهن تي عام طور تي گهڻو ڌيان نہ ڏنو ويندو آهي ۽ نہ ئي اُن جي تَواضُع کي وڏيڪ اَهمِيت ڏني ويندي آهي، حالانڪ مهمان نوازي ۾ سيني سان گڏ انهن جي مرتبي جي لحاظ کان سُلوڪ ڪرڻ گهرجي ۽ هر مهمان جي تڪريم ۾ ڪا ڪمي نہ ڪئي وڃي.

## مهمانن جا قسم!

ياد رکو تہ مهمانن جا مُختلِف قسم آهن، ان مان هر هڪ جا پنهنجا حق ۽ آداب آهن، لهٰذا انهن جو لحاظ رکيو وڃي، ڪجهہ مهمان اهي هوندا آهن جيڪي ڪلاڪ بہ ڪلاڪن جي لاءِ ايندا آهن ۽ چانهہ، پاڻي پيئڻ کان پوءِ



www.dawateislami.net

هليا ويندا آهن انهن جي لاءِ خاص اهتمام ضروري ناهي هوندو، جڏهن ته بعض اهي هوندا آهن جن کي اسان شادي مرادي، عقيقي وغيره ڪنهن تَقريب ۾ دَعوَت ڏئي پاڻ سڏيندا آهيون، ان ۾ امير ۽ غريب جو فرق رکڻ بنا ڪارائڻ پيئارڻ ۽ ويهارڻ ۾ سيني جي لاءِ هڪجهڙو اهتمام ڪرڻ گهرجي، ائين نه ٿئي جو امير ۽ ڪبير ماڻهو ته شاهاڻي انداز ۾ ويهي خُوب اَنواع واَقسام جي عُمده کاڌن مان لُطف ماڻن ۽ مُفلِس، مُتَوسّط ۽ غريب ماڻهن کي عام کاڌو کارايو وڃي، ائين هرگز نه ڪرڻ گهرجي جو ان سان مسلمانن جي دل شڪني ۽ دل آزاري ٿيندي آهي. اهڙي طرح ڪجھ مهمان جيئن پيڻ پاءُ يا قريبي رشتيدار اهڙا به هوندا آهن جيڪي ڪجھ ڏينهن جي لاءِ رهڻ به ايندا آهن، انهن جي مهمان نوازي به ڪرڻ گهرجي، بهارِ شريعت جلد 3 صفحه نمبر 391 تي فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو شَخص الله عَزَّ وَجَلَّ ۽ قِيامت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو، اهو مهمان جو اِڪرام ڪري، هڪ ڏينهن رات ان جو جائزه آهي (يعني هڪ ڏينهن ان جي پوري خاطر داري ڪري، حسبِ استطاعت ان جي لاءِ پُرتڪلف کاڌو تيار ڪرائي) ۽ ضِيافت ٽي ڏينهن آهي (يعني هڪ ڏينهن کان بعد ما حضر (جيڪو گهر ۾ موجود هجي) پيش ڪري) ۽ ٽن ڏينهن کان پوءِ صدقو آهي. (صحيح البخاري،ڪتاب الأدب،باب إكرام الضيف...إلخ، الحديث:٦١٣٨،٣٦/٤،١٣٦) الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي مهمان نوازي سميت تمام نيڪ عمل ڪرڻ ۽ چڱيون خصلتون اپنائڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

واسطہ میرے پیر و مرشد کا — مجھ کو تو متقی بنا یارب!

دل کا اجڑا چمن ہو پھر آباد — کوئی ایسی ہوا چلا یا رب!



www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلس مزاراتِ اولياء!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان سيدي قطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي زِندَگي جي مختلف گوشن جي باري ۾ ٻڌي رهيا آهيون. پنهنجي بزرگن جو تذڪرو بيان ڪرڻ جو هڪ اهم سبب اهو هوندو آهي تہ اسان انهن جي سيرت ۽ ڪردار ۽ انهن جي مُقدَّس زِندَگي جي مُتَعَلّق ٻڌي انهن جهڙو بنجڻ جي ڪوشش ڪيون. شيخِ طريقت، امير اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هميشہ تبليغ قُرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي هر هر اِسلامي ڀاءُ ۽ اِسلامي ڀيڻ کي انهن بزرگن سڳورن جي تعظيم و تڪريم ڪرڻ ۽ انهن جي سيرت و ڪردار کي اپنائڻ جو درس ڏيندا آهن. اوهان جي انهيءَ درس جو نتيجو آهي جو دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شُوريٰ جي تحت هڪ مجلس بنام ”مجلسِ مزاراتِ اوليا“ قائم آهي جنهن جو ڪم انهن اولياءِ ڪرام جي خانقاهن ۽ درگاهن تي حاضِر ٿي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪم کي جاري و ساري رکڻ ۽ ماڻهن کي حقيقي معنن ۾ انهن بُزرگنِ سڳورن جي نقشِ قدم تي هلڻ جي ترغيب ڏيڻ آهي. يقيناً اسان جي خوش بختي آهي جو اڄ اسان بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي هڪ ولي ۽ سلسلۂ عاليہ قادريہ رضويہ جي هڪ عَظِيم بُزرگ سيدي قطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي سيرت جي باري ۾ ٻڌڻ جو شرف حاصل ڪيو، اسان کي بہ انهن جهڙو ٿيڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

## رسالي جو تعارف!

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي زِندَگي جي باري ۾ وڌيڪ معلومات جي لاءِ دعوتِ



www.dawateislami.net

اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي رسالي ”سيدي قطبِ مدينہ“ جو مطالعو بيحد مُفِيد رهندو، تنهنڪري اڄ هن رسالي ڪي هديةً طلب فرمائي ان جو مُطالَعو ڪيو، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جي خوش نصيبي آهي جو شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه سيدي قطبِ مدينہ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جا مُريد بہ آهن ۽ سندن خليفہ بہ آهن، سيدي قطبِ مدينہ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جو فيضان حاصل ڪرڻ جو هڪ ذريعو اهو بہ آهي تہ شيخِ طريقت اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي بَيعت ڪئي وڃي، ان سان حُضُور قطبِ مدينہ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جو فَيضان نصيب ٿيڻ سان گڏوگڏ سلسلۂ عاليہ قادريہ رضويہ جي وڏن وڏن اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جو فيضان بہ نصيب ٿيندو، مُريد ٿيڻ ۾ نُقصان جو ڪو پهلو ئي ناهي، ٻنهي جهانن ۾ اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ فائدو ئي فائدو آهي.

کیسے آقاؤں کا بندہ ہوں رضا　　بول بالے مِری سرکاروں کے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مريدن جي اصلاح!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سيدي قطبِ مدينہ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه هميشہ سنتن جي پاسداري ڪندا هئا، پاڻ بہ شريعت تي عمل ڪندا ها ۽ مُريدن ڪي بہ شريعتِ مُطهره تي ئي عمل ڪرڻ جي هدايت ڪندا ها، خاص ڪري نماز جي پابندي جي نهايت تاڪيد ڪندا ها، اڪثر فرمائيند ها تہ نماز جي بغير ڪجھ ناهي، جيڪڏهن ڪو نصيحت جي لاءِ عَرض ڪندو هو تہ فرمائيندا ها: پٽ! نماز پڙهندا رهو! نماز ڪي مضبوطي سان پڪڙي وٺو! مريدن، مُخلِصِن جي اِصلاح هر وَقت سندن پيشِ نظر هوندي هئي. عقائد و اعمال ۾ درستگي جي هميشہ تاڪيد ڪندا ها، سندن صحبت ۾ غُرَبا ۽ فُقَرا ڪي ڏسي سلف



www.dawateislami.net

الصالحين جي ياد تازه ٿيندي هئي، تَواضُع و اِنڪسار سندن جو مِزاج هو.
(انوارِ قطبِ مدينه، ص:۲۴۰،ملتقطاً)

## وصالِ پُرملال ۽ تدفين:

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجون شفقتون ۽ مَحَبَّتون هميشہ لُٽائيندا رهيا ايستائين جو 4 ذوالحجة الحرام 1401ھ بمطابق 81-10-2 جمعي جي ڏينهن مسجد النبوي الشريف عَلٰى صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي مؤذن "اللّٰه اكبر اللّٰه اكبر" چيو ۽ سيدي قطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪلمو شريف پڙهيو ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو روح قفسِ عنصري مان پرواز ڪري ويو. بعدِ غُسل شريف ڪفن وچائي سرِ اقدس جي هيٺ سرڪارِ مدينہ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حجرهٔ مَقصُوره شريف جي خاڪ مُبارَڪ رکي وئي، سرڪارِ انور صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قبرِ انور جو غسّالہ شريف ۽ مُختلِف تبرڪات رکيا ويا. پوءِ ڪفن شريف بند ڪيو ويو. بعدِ نمازِ عصر دُرُود وسلام ۽ قصيدهٔ برده شريف جي گونج ۾ جنازو مُبارَڪ ڪنيو ويو.

عاشِق کا جَنازہ ہے ذرا دُھوم سے نکلے
مَحْبُوب کی گلیوں میں ذرا گُھوم کے نکلے

آخرڪار بي شُمار سوڳواران جي مَوجُودگي ۾ سيدي قطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي سندن آرزو جي مُطَابِق جنت البقيع جي ان حصي ۾ جتي اهلبيتِ اطهار عَلَيهِمُ الرِّضْوَان آرام فرما آهن، اتي سيدة النسا فاطمة الزهرا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي مزارِ پُر اَنوار کان صرف ٻن گزن جي فاصلي تي سپردِ خاڪ ڪيو ويو. (سيدي قطبِ مدينه،ص۱۷) اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ جي انهن تي رحمت ٿئي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



www.dawateislami.net

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!          صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عشره ذوالحج جا فضائل:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عنقريب ذوالحجة الحرام جو مهينو شروع ٿيڻ وارو آهي، هن مهيني جي بہ ڇا ئي ڳالهہ آهي، خاص طور تي هن جي ابتدائي عشري جي عظمت ۽ رفعت جي ڇا ڳالهہ ڪجي! احاديثِ طيبہ ۾ انهن ڏينهن جي هڪ روزي ڪي سڄي سال جي روزن جي برابر ۽ هڪ رات جي قيام کي شبِ قدر جي قيام جي برابر ٻڌايو ويو آهي، جيئن فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّي الله تَعَالي عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: الله عَزَّ وَجَلَّ کي عَشَرَه ذُوالحجَّہ کان وڌيڪ ڪنهن ڏينهن ۾ پنهنجي عِبادت ڪرڻ پسنديده ناهي ان جي هر ڏينهن جو روزو هڪ سال جي روزن ۽ هر رات جو قِيام شبِ قَدر جي برابر آهي. (جامع ترمذي ج٢ص١٩٢حديث٧٥٨)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اندازو لڳايو تہ پهرين عشرهٔ ذوالحجہ جون ڪيتريون برڪتون آهن، فيضانِ سنت ۾ لکيل آهي: بعض احاديثِ مُبارَڪ جي مطابِق ذُوالحَجَّةِ الْحَرام جو پهريون عَشَره (يعني اِبتِدائي ڏهہ ڏينهن) رَمَضانُ المُبارَڪ کان پوءِ سيني ڏينهن کان افضل آهي. (فيضانِ سنت، ص:١٤٠٣) بلڪ ڏينهن تہ رَمَضان کان بہ افضل آهن جڏهن تہ راتيون رَمَضان جون افضل آهن. اسان کي کپي تہ انهن ڏينهن کي فضوليات ۾ ضائع ڪرڻ جي بدران الله عَزَّ وَجَلَّ جي عبادت ۾ ئي بسر ڪيون، ڏينهن روزي ۾ گذاريون ۽ رات عِبادَت ۾ گذاريون. اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن مهيني جي اِبتِدائي عشري ۾ روزانو نمازِ عِشاء کان پوءِ مَدَني مُذاڪرو بہ مَدَني چينل تي براه راست (Live) نشر ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ شيخ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مَولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي



www.dawateislami.net

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه علمِ ۽ حِڪمت جا مَدَني گل عام ڪندي عاشقانِ رسول جي سُوالن جا جواب عَطا فرمائن ٿا. مَدَني مذاڪري ۾ شرڪت اسان کي گھڻن گناهن کان بچائي ڪيئي نيڪين جو حق دار بنائي سگھي ٿي.

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مدني مذاڪري ۾ شرڪت“

۽ هفتيوار مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪرڻ ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم بہ آهي. **مَدَني مذاڪرو** علمِ دين حاصِل ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي، **مَدَني مذاڪرو** سنيون صحبتون ماڻڻ جو بهترين ذريعو آهي، **مَدَني مذاڪري** ۾ شِرڪت ڪرڻ سان نيڪ اعمال اپنائڻ جو جذبو بيدار ٿيندو آهي، **مَدَني مذاڪري** ۾ شِرڪت ڪرڻ سان بانهو گناهن کان بيزار ۽ نيڪين سان پيار ڪرڻ لڳي ٿو، اَلغَرَض! **مَدَني مذاڪري** ۾ شرڪت دِين و دُنيا جي اِصلاح جو سبب آهي، ان ڪري هفتيوار مَدَني مذاڪري ۾ شرڪت کي پنهنجو معمول بڻايو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪوڙ سارا اِسلامي ڀائر مَدَني مذاڪري جي بَرَڪت سان گناهن کان پاسو ڪري سُنّتن جا پيڪر بڻجي چڪا آهن، اچو هن ضمن ۾ هڪ مَدَني بهار مُلاحظ ڪيو!

## مون ويڊيو سينٽر جو بند ڪيو:

جيئن، مرڪز الاولياء (لاهور، پاڪستان) جي رهائشي اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستگي کان پهريان مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ منهنجو هڪ ويڊيو سينٽر هو جتي سڄو ڏينهن ويهي مان پاڻ بہ فلمون ڊراما ڏسندو رهندو هئس ۽ ٻين کي فلمن جون سِي، ڊيز فراهم ڪري پنهنجي آخِرت جي بربادي جو سامان ڪندو هئس. مون کي هڪ ڏينهن مَدَني چينل جو سلسلو ”مَدَني مذاڪرو“ ڏسڻ جو موقعو مليو. شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه عاشقانِ رسول جي سُوالن جا وڏي پياري



www.dawateislami.net

انداز ۾ جواب اِرشاد فرمائي رهيا هئا، جنهن جي ڪري مان بہ توجُّھ سان مَدَني مذاڪرو ٻڌڻ لڳس، شيخِ طريقت، اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي نصيحت آموز ۽ فڪرِ آخرت سان مَعمُور مَلفُوظات منهنجي دل جي دُنيا بدلائي ڇڏي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون پنهنجي گناهن ڀري زندگي کان تَوبہ ڪئي ۽ پنهنجو ويڊيو سينٽر هميشہ جي لاءِ بند ڪري ڇڏيو ۽ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي نيڪين جي شاهراه تي شامل ٿي ويس. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّدعوتِ اسلامي جي پاڪيزه مَدَني ماحول جي برڪت سان نمازِ پنجگانہ جو پابند بڻجي ويس. پنهنجي چهري تي ڏاڙهي شريف ۽ مٿي تي عمامي شريف جو تاج سجائي ورتو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جا شُعبہ جَات!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي هن وَقت ڪيئي نيڪ ڪمن ۾ دين جي خدمت ڪري رهي آهي: جُماديٰ الاُخريٰ1437ھ بمطابق مارچ 2016ء تائين جي معلومات مُطابق مُلڪ وبيرونِ مُلڪ ۾ دعوتِ اسلامي جي تحت سوين جامعاتُ المدينہ (للبنين وللبنات) قائم آهن جن ۾ هزارين طلبہ و طالبات درسِ نظامي ڪري رهيا آهن، ۽ هزارين مدارسُ المدينہ (للبنين وللبنات) بہ قائم آهن جن ۾ ڪم وبيش هڪ لک کان وڌيڪ مدَني مُنّا ۽ مدَني مُنّيون حِفظ و ناظره جي مُفت تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. مَدَني تربيت گاهون، مختلف تربيتي ڪورسز جي علاوه مَدَني چينل جيڪو بي شُمار مُسلمانن جي اِصلاح ۽ غير مُسلِمن جي قَبُولِ اسلام جو سبب بڻجي رهيو آهي ۽ ان



www.dawateislami.net

جي ذريعي لکين عاشقانِ رسول علمِ دين سان مالا مال ٿي رهيا آهن، دارُالمدينہ، ڪيئي دارُالافتاء اهلسنّت، المدينة العلميہ، مجلسِ مکتوبات و تعويذاتِ عطاريہ جنهن سان ماهوار لکين مسلمان مُستَفِيض ٿي رهيا آهن، ان جي علاوه سوين مدَني مراڪز (يعني فيضانِ مدينہ) ۽ ڪثير مسجدن جي تعميرات و انتظامات، صحراء مدينہ جي اندر مختلف تعميرات و انتظامات، مدارس المدينہ آن لائن، اهڙي طرح سوين هفتيوار اجتماع، وڏين راتين جا اجتماع، سڄي رَمَضان جو اجتماعي اعتڪاف درجنن هنڌن تي ۽ آخري عشري جو اجتماعي اعتڪاف هزارين هنڌن تي ٿيندو آهي، جن ۾ هزارين اسلامي ڀائر اعتڪاف ڪندا آهن، غرض اهو ته منظم طريقي سان مدَني ڪمن کي اڳتي وڌائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي تحت تقريباً 102 شعبا قائم آهن جن جي لاءِ وڏي رقم جي ضرورت هوندي آهي.

## قرباني جون کلون دعوتِ اسلامي کي ڏيو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انهن سمورن شعبن کي هلائڻ جي لاءِ ڪروڙين روپين جا اَخراجات ٿيندا آهن. جيڪي مُخَير حَضرات جي تعاوُن سان ئي پورا ٿيندا آهن، مدني ڪمن جي لاءِ ٿيندڙ انهن اَخراجات کي پورو ڪرڻ جي لاءِ بقر عيد جي موقعي تي کلون بہ گڏ ڪيون ويندِيون آهن. هينئر بہ عيد قربان بلڪل ويجهو آهي ۽ انهن ڏينهن ۾ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ڪمن جي لاءِ کلون گڏ ڪيون ويندِيون آهن. دعوتِ اسلامي جي خدمتِ دين جو اهو عظيم ڪم اوهان سڀني جي سامهون آهي، ان ڪري اوهان سان مَدَني اِلتجا آهي تہ قرباني جون کلون دعوتِ اِسلامي کي ڏيو. يقيناً اوهان جو هن طرح جو تعاون بہ خدمتِ دين ئي آهي، نيز حُصولِ ثواب جي خاطِر پنهنجي گهر، رِشتہ دارن ۽ اَهلِ مَحلہ سان گڏوگڏ مُختلف عَلاقن ۾ وڃي



www.dawateislami.net

دعوتِ اِسلامي جي شُعبن جو تعارُف ڪرائيندي قُرباني جون کلون بہ گڏ ڪيو! اللہ عَزَّوَجَلَّ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## بيان جو خلاصو:

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اڄ اسان کي مريد ءِ خليفۂ اعليٰ حضرت، قطبِ مدينہ حضرتِ علامہ مولاناضياء الدين احمد مَدَني قادري رضوي رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيۡہ جي ذاتِ گرامي جي باري ۾ مدني گل ٻڌڻ جي سَعادت حاصِل ٿي، سيدي قُطبِ مدينہ رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيۡہ اللہ عَزَّوَجَلَّ جي ذات تي ڀروسو ڪرڻ وارا، نهايت سخي ءِ مهربان بزرگ هئا، نهايت ئي خوبصورت حُليي جا مالڪ هئا، پيلي ڀيت ۾ مُحَدّثِ سُورتي رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيۡہ وٽ دورانِ تعليم ئي پاڻ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيۡہ وٽ مرِيد ٿي ويا ءِ جلد ئي خلافت سان بہ نوازيا ويا، سيدي قطبِ مدينہ رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيۡہ طلبِ علمِ دين جي لاءِ لاهور، هند ءِ بغداد شريف جا سفر ڪيا، اِشراق، چاشت ءِ اوَّابين جون نمازون ادا ڪرڻ سندن جو معمول هو، مهمان نوازي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا، سيدي قُطبِ مدينہ رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيۡہ پاڻ بہ شريعت تي عمل ڪندا هئا ءِ پنهنجي مريدن کي بہ شريعتِ مُطهره تي عمل جي هدايت ڪندا هئا، عاجزي ءِ اِنڪساري سندن جو شيوو هو. 4 ذوالحج 1401ھ جمعي جي ڏينهن پاڻ جو وِصال ٿيو ءِ آرزو جي مُطابِق جنت البقيع ۾ سندن تدفين ٿي. اللہ عَزَّوَجَلَّ اسان کي بہ سندن نقشِ قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شھنشاھِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آھي: جنھن منھنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنھن مون سان محبت ڪئي اھو جنّت ۾ مون سان گڏ ھوندو.(1)

سینہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## سُرمو لڳائڻ جون سُنّتون ۽ آداب:

اچو! شيخ طريقت، اميرِاھلسنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي مطبوع رِسالي "101مَدني گل" مان سرمو لڳائڻ جون سنّتون ۽ آداب ٻڌون ٿا.

سننِ ابن ماجہ" جي روايت ۾ آھي: "سيني سرمن مان بھتر سرمو "اِثمِد" آھي جو اھو نظر کي روشن ڪري ۽ پلڪون وڌائي ٿو". (ابن ماجہ، حديث 3497 ج 4 ص 115) ﴿2﴾ پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناھي ۽ ڪارو سرمو يا ڪجل زينت جي قصد (يعني زينت جي ارادي) سان مرد کي لڳائڻ مڪروھ آھي ۽ زينت جو ارادو نہ ھجي تہ ڪراھت ناھي. (عالمگيري ج 5 ص 359) ﴿3﴾ سرمو سمھڻ مھل استعمال ڪرڻ سنّت آھي. (مِراۃُ المناجيح ج 6 ص 180) ﴿4﴾ سرمي استعمال ڪرڻ جي ٽن منقول طريقن جو خلاصو پيش خدمت آھي: (1) ڪڏھن ٻنھي اکين ۾ ٽي ٽي سرائيون (2) ڪڏھن ساڄي اک ۾ ٽي ۽ کاٻي ۾ ٻہ، (3) تہ ڪڏھن ٻنھي اکين

---

1 ...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۹۷/۱،حديث:۱۷۵



www.dawateislami.net

۾ ڀ ڀ ۽ وري آخر ۾ هڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي واري واري سان ٻنهي اکين ۾ لڳايو. (شعب الايمان ج 5 ص 218، 219) اهڙي طرح ڪرڻ سان ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ ٻنهي طريقن تي عمل ٿيندو رهندو.

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهارشريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پَرْوَرْدْگار
سنّتوں کی تربیت کے قافِلے میں بار بار

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتنڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[2]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[3]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

---

[2]…افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[3]…افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[4]

## (4) ڇھ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِى ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[5]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدِّيقِ اڪبر رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَهٔ ڪرام رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[6]

## (6) دُرُود شَفَاعت

---

4...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

5...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

6...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي: جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[7]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[8]

## 2 جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ،

سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي) **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

7 … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

8 … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net